# رُباعياتِ جميل

مخدوم جميل الزمان

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
١٤٣٩هه/ 2018ع

Gul Hayat Institute

رُباعياتِ جميل

ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: رُباعياتِ جميل
مصنف: مخدوم جميل الزمان
پهريون ڇاپو: ١٤٣٩هه/2018ع
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: عبدالله جروار
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
پڌرو ڪندڙ: گل پنهور سروري

قيمت: 150/= روپيا

طالب المولىٰ اڪيڊمي
هالا

# فهرست


انتساب: مخدوم جميل الزمان ط

اڪيڊميءَ جو نوٽ/پنهنجي پاران: مخدوم جميل الزمان ڪ

**رُباعياتِ جميل**

**آ/الف**

(1) آزاد وطن ٿي ويو انگريزن ڪان 5
(2) آهيان جو نگهہ ناز ڪي منظورشده 6
(3) اڄ بابري مسجد ڪي ڇڏيائون ڍاهي 7
(4) اڄ شام اچانڪ درِ مئخانہ وڃُو 8
(5) اڄ غور ڪرڻ ساڻ خبر پئي ساري 9
(6) اڄ نانگ محبّت جو هٽي ڏنگ ويو 10
(7) اڄڪلهہ ٿي هلي ملڪ ۾ دهشتگردي 11
(8) اسلام هميشہ ئي فروزان رهندو 12
(9) افعال رهيو ناهي مسلمانن ۾ 13
(10) اڳ ڪانہ لڳائي جا هيم دل ڪنهن سان 14
(11) انسان ازل ڪان وٺي ڪهڙو آهي 15
(12) انسان ۾ انسان جي خصلت نہ هجي 16
(13) انسان هٿان روز ٿو انسان مري 17
(14) اي پنجتني، شيرِ خدا، شاه علي عہ 18
(15) اي حسن اگرچہ نہ آهين پائيدار 19
(16) اي خالقِ اڪبرؑ جا پيارا انسانﷺ 20







**ب/ٻ**

(17) بي درد جي محفل ۾ ڪجهہ ناهي چڱو 23
(18) ٻڌ اي دلِ نادان تون سمجهدار ٿجئين 24

**ت**

(19) تنهنجي اَهيان ديدار جو دلبر شائق 27
(20) تون آهين ازل ڪان وٺي ايمانِ جميل 28
(21) تون دوراَهين پوءِ بہ ويجهو ٿو لڳين 29
(22) تون عام ڪو انسان اي دلبر ناهين 30
(23) تون منهنجي تقاضا نہ، تمنّا آهين 31

**پ**

(24) پاڪائي، عبادت ڪان سواءِ ڪجهہ ناهي 35
(25) پرديسي پرين! تون سان ملڻ ٿو چاهيان 36
(26) پرديس لڳايو جو وڃي نينهن اٿم 37

**ج**

(27) جاني مون ڪي محفل ۾ گهرائي تہ نہ وڃ 41
(28) جنهن دم بہ نظر پنهنجي ڪريان ٿو هرسُو 42
(29) جنهن شخص ڪي مون جانِ تمنّا سمجهيو 43
(30) جنهن وقت سڄڻ ٿيندو اچي جلوه نما 44
(31) جيئن حُسن ادائن ڪان سِوا ڪجهہ ناهي 45

**چ/خ**

(32) ڇا ظلم ستم ڏاڍ هميشہ رهندو؟ 49
(33) ڇا فتح جو سج ڪونہ ڏسڻ ۾ ايندو؟ 50
(34) ڇا مهر فتحيابي نہ ڪنهن دم ايندو؟ 51
(35) ڇا ياد اٿئي ڀِرين ملاقات صنم؟ 52
(36) خاموش رهڻ لاءِ وڏي دل گهرجي 53




Gul Hayat Institute

د

(37) دلبر سان حقيقت ۾ ملاقات ڪبي 57
(38) دلبر سان دوباره ٿي محبّت آهي 58
(39) دلبر نہ گهرايو تہ ٿيو ڇا مطلب 59
(40) دل ٿي چوي مهتاب کي حيران ڪريان 60
(41) دلدار بہ ڪرڻو نہ ٻيو ڪو آهي 61
(42) دلدار جي انڪار کي سودا ٿو چوان 62
(43) دلدار سندي حسن تي حيران ٿيو 63
(44) دل دردِ محبّت کان نہ خالي رهندي 64
(45) دل ڪا ڪلِ خُمدار تي آهي مفتون 65
(46) دل ڪانہ جهڪي ٿي تہ عبادت ڪهڙي 66
(47) دنيا جو ڪٿي نام و نشان هو نہ جڏهن 67
(48) دنيا ۾ زبردست ستمگر منهنجو 68
(49) ديدار تصوّر ۾ ڪري ڏسندا سين 69
(50) ديدار جي خواهش ۾ رهان ٿو اڄڪلهہ 70
(51) ديوانہ ۽ مجنون ٿو زماني ۾ سڏ جان 71

ر

(52) رتبي ۾ ٿيو عرشِ معليٰ کان بلند 75
(53) رشڪِ مهِ تابان کي ڏسي ايندا سين 76

س

(54) ساقي تہ اچي ڪونہ ٿو خسخاني ۾ 79
(55) ساقيءَ کان سِوا ناهي متل مئخانو 80
(56) سائين! مون کي هن ڳالهہ تي آهي حيرت 81
(57) سر سبز ۽ آباد نقابي چهرو 82





ش/ص/ع/ف

(58) شامل نہ هجي دل، پوءِ محبّت ڇا جي؟ 85
(59) شرمندگي ڇهري تان هٽايو تہ سهي 86
(60) شيطان ڪندو ڪنهن دم ايمان تباهہ 87
(61) صورت تي لڳي جنهن جي سدائين سنڙي 88
(62) عاشق نہ ڏسي ذات نہ ڪوئي مذهب 89
(63) فرمان الاهيؑ نہ پڙهون تا نہ ٻُڌون 90

ق/ڪ/گهہ/ل

(64) قربان ٿيو ڪونہ ڪڏهن اي نادان 93
(65) قربائتي انسان جي سلامي بہ ڪبي 94
(66) ڪا آهہ ۽ گريان جي تلافي ٿيندي؟ 95
(67) ڪم فهم! زمانو آ تمنّا نہ ڪجئين 96
(68) ڪنهن ساڻ وڃي پاڻ اگر پيار ڪبو 97
(69) ڪنهنڪي اگر احساس نہ آهي دل ۾ 98
(70) گهرجي ٿي معافي ۽ ڪريان ٿو توبہ 99
(71) لوڏي نہ ڪڏي ڇڏجي وفادارن کي 100
(72) ليڊر تہ وٺيو ووٽ وريو ڪونہ اچن 101

م/ن

(73) محبوب جي اندازِ تڪلّم جو قسم 105
(74) محبوب مٺي ساڻ ملاقات ڪيم 106
(75) محڪوم سان حاڪم جي بغاوت ڪهڙي 107
(76) مخمور اکين کي ٿا چئون مئخانا 108
(77) مخمور نگهہ سان ٿو جڏهن گهور ڪري 109
(78) مستاني کي مستانو چوڻ ناهي صحيح 110
(79) مشرق کان اُٿيو شمس ٿو مغرب ۾ لهي 111



Gul Hayat Institute

رُباعياتِ جميل


(80) منهنجي غمِ فرقت جو مداوا نہ ٿيو 112
(81) مهنگائي حڪومت جو ڪندي ڪم پورو 113
(82) مون آهي تصّور ۾ ڏٺو جانم ڪي 114
(83) مهتاب ڪان افسانۂ ناڪامي ٻڌم 115
(84) مهتاب ڪان پُرنور نقابي چهرو 116
(85) مئخانۂ دل جو اي صنم ساقي ٿي 117
(86) ميدان محبّت جو ڪٽڻ چاڙهون ٿا 118
(87) ناڪاميءَ اُلفت ڪي مداوا ٿو لکان 119
(88) نوڙت سان هلڻ وارو خوشي ماڻيندو 120

و

(89) وڏ ڪان ٻہ وڏيڪ آئون ٿو توڪي چاهيان 123
(90) ويرانو خزائن ۾ گلستان ٿيندو 124
(91) ويڳاڙوءِ بيحال پلا ڇو آهين؟ 125

ھ

(92) هالا ڪان سُنو شهرڪو آهي تہ ڏسيو 129
(93) هڪ ڀيرو اڇي سال ۾ رمضان شريف 130
(94) هڪ ڀيرو سڄڻ ساڻ ملي ڏسنداسين 131
(95) هڪ وار محبّت ڪري نفرت نہ ڪجئين 132
(96) هي حسن ڪندو ڪونہ وفا جي دعويٰ 133
(97) هي دور نرالوءِ خطرناڪ اَٿو 134
(98) هي نرگس وسوسن هي صنوبر شهلا 135

ي

(99) يارن ڪي ڪڏهن سُر نہ ڏجي الفت جو 139
(100) يڪ طرفہ محبّت ۾ وفائون، ڪهڙيون 140
ضميمو: قلبي جا هٿ اکر 141
ڪتابيات: 147


Gul Hayat Institute

# انتساب

”رُباعياتِ جميل“
جو انتساب شاهِ رُباعيات
غياث الدين ابوالفتح عمر بن ابراهيم نيشاپوري
”عمر خيام“
۽ سنڌ جي هڪ بهترين خوشخط
گل محمد ”قلبي“ سولنگيءَ
جي نالي ڪريان.


20 ربيع الثاني 1439ھ — مخدوم جميل الزمان
8 جنوري 2018ع،
ڪراچي سنڌ







غياث الدين ابوالفتح عمر بن ابراهيم نيشاپوري ”عمر خيام“



گل محمد ”قلبي“ سولنگي



Gul Hayat Institute

## اڪيڊميءَ جو نوٽ/پنهنجي پاران:

الله تعاليٰ ﷻ جي لطف و ڪرم سان طالب المولىٰ اڪيڊميءَ جي پاران منهنجي رُباعين جو مجموعو ”رُباعياتِ جميل“ (صد رباعياتِ جميل) ڇپجي منظر عام تي آيو آهي. ”قطعاتِ جميل“ جو مسودو بہ زير ترتيب آهي. جيڪو پڻ جلد شايع ڪيو ويندو. انشاءَ الله ﷻ.

## رُباعياتِ جميل:

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحہ جن علم و ادب جا محور هئا، سندن شخصيت جي اثر ۾ هالا شريف ادبي ميڙاڪن، راڳَ جي محفلن ۽ مشاعرن جو رنگين گلستان بڻجي ويو هئو، انهيءَ رنگَ مان جيڪي خوش قسمت رنگجي نڪتا آئون بہ انهن ۾ شامل آهيان. پاڻ منهنجا مرشد ۽ استاد هئا، سندن هدايتن تي عمل ڪرڻ سان جتي زندگيءَ جا لاها چاڙها هموار ٿي ويا اتي علمِ عروض جي مشڪل راهہ بہ مون لاءِ آسان ٿي ويئي. مون پهرين رُباعي تقريباً 33 سال اڳ 24 ربيع الاوّل 1405هہ مطابق 18 ڊسمبر 1984ع تي هالا شريف ۾ لکي هئي ۽ هن ڪتاب جي نئين رُباعي 27 جمادي الاوّل 1439هہ مطابق 14 فيبروري 2018ع تي ڪراچيءَ ۾ تصنيف ڪئي آهي، ٻئي رُباعيات هي آهن:

ڪم فهم! زمانو آ تمنّا نہ ڪجئين
ڪم عقل ٿجئين ڪيم تقاضا نہ ڪجئين
دنيا ۾ تماشائي بلاشڪ ٿي رهہ
پر پاڻ ڪي تون وجهہِ تماشا نہ ڪجئين

**

شيطان ڪندو ڪنهن دم ايمان تباهہ
مسلم ڪان وڃائيندو بخشش جي راهہ
دل ۾ اها ڳڻتي جي اچي ٿي تہ پڙهو
لاحَولَ وَلاقُوّةَ اِلابِاالله ﷻ





## رُباعي:

رُباعي عربي زبان جو لفظ آهي. موزون شاعريءَ جي هيءَ دلڪش ۽ نازڪ صنف ٻين صنفن وانگر مشهور ۽ مقبول آهي، سنڌي، اردو، عربي، فارسي، سرائيڪي ۽ ٻين زبانن جي شاعرن رُباعي لکي آهي جن ۾ وڏو تعداد صوفيا ڪرام جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪڏهن سندن رباعيات ڪي سهيڙجي تہ يقيناً ”مرصاد العباد“ وانگر تصوف ۽ سلوڪ جو هڪ مستند ڪتاب تيار ٿي سگهي ٿو. سنڌ جو ناليوارو اديب مرزا سڪندر علي بيگ، رباعي جي تعريف ڪندي لکي ٿو تہ:

”رُباعي شعر جي فن جو هڪ قسم آهي، جنهنجي فقط چئين مصراعن ۾ شاعر پنهنجو مطلب بيان ڪندو آهي. رُباعي جو مقصد فقط آخر واري مصرع ۾ هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ شاعر آخر واري مصرع ۾ ڪو نڪتو يا لطيفو يا مثال پيش ڪندو آهي ۽ باقي ٽي شروع واريون مصراعون ان چوٿين مصرع جي شرح يا تائيد ۾ هونديون آهن، خاص ڪري چوٿين مصرع سيني مصراعن ڪان بهتر بلند تر هوندي آهي.“[1]

”هڪ ٻي ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ رباعي جي هر مصرع ۾ فقط چار رڪن ٿيندا آهن، نہ ٽي رڪن نہ وري پنج رڪن ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن هڪ رُباعي جو چار مصراعون چئين وزنن ۾ هجن تہ بہ اهي مصراعون موزون ٿي نہ ٿيون سگهن، ليڪن فقط شرط اهو آهي تہ هر ڪنهن مصرع جي ترڪيب ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڏهن رڪن ڪان سواءِ ڪو ٻيو رڪن نٿو اچي سگهي.“[2]

مرزا سڪندر علي بيگ رُباعي جا جيڪي ڏهہ ”رڪن“ ڇيا آهن، اُهي هي آهن: مفاعيلن، مفاعلن، مفاعيل، فاعلن، مفعولن، مفعول، فعول، فاع، فعل ۽ فع.

---

[1] سنڌيءَ جو عروض، ص: 243
[2] سنڌيءَ جو عروض، ص: 244

اردو دائره معارف اسلاميءَ ۾ رُباعي ۽ ان جي فن بابت تفصيل ڄاڻائيندي لکي ٿو ته:

”رباعی وہ صنف سخن ہے جس کے اوزان مخصوص ہوتے ہیں اور دو بیتوں یا چار مصرعوں پر مشتمل ہوتے ہیں۔ پہلا، دوسرا اور چوتھا مصرع ھم قافیہ ہوتے ہیں، اگرچہ قدیم شعرا کی ایسی رباعیاں بھی ملتی ہیں جن کے چاروں مصرعوں میں قافیے کی رعایت قائم کی گئی ہے۔ رباعی مختصر ترین صنف سخن ہے اور مقررہ اوزان، وحدت فکر اور مربوط بیان اس کے لوازم ہیں۔ رباعی میں شعرا پہلے مصرعے میں اپنے خیال سے روشناس کراتے ہیں، جو انہیں پیش کرنا ہے، دوسرے اور تیسرے مصرعے میں اس خیال کو واضح کرتے ہیں۔ گویا رباعی کے مجموعی تاثر کے لیے مضامین تیار کرے ہیں اور چوتھا مصرع موئثر انداز میں اس کی تکمیل کر دیتا ہے۔ اس لیے نقادوں اور شاعروں نے رباعی کے چوتھے مصرعے کو تاثر کا عروج بتایا ہے“[3]

”رباعی کی صنف مختلف وقتوں میں جدا جدا ناموں سے موسوم ہوئی، مثلاً ترانہ، چھار بیتی، دوبیتی، بالآخر اس کا نام رباعی ہوا۔ اہل ایران نے رباعی کو ترانہ اس لیے بھی کہا کہ موسیقی دانوں نے رباعی کے مخصوص وزن پر اچھے اچھے راگ ترتیب دیے۔ یعنی رباعی کا آھنگ موسیقی کے نقطہ نظر سے اس قدر دل پسند اور کشش کا حامل ہے“ [4]

” این نوع شعر مدتھا در ایران شائع و رائج بودہ و از ھمین حکایت چنین بر می آید کہ این وزن اختراع شدہ بلکہ از تودہ مردم فارسی زبان اقتباس گردیدہ و ھبہ جا تصریح است باینکہ در عربی چنین وزنی نبودہ و بعد عرب ھا آن را از ایرانیان آموختہ اند“ [5]

---

[3] اردو دائرہ معارف اسلامی، ص: 10/161

[4] اردو دائرہ معارف اسلامی، ص: 10/163

[5] اردو دائرہ معارف اسلامی، ص: 10/164



رُباعياتِ جميل

## رُباعي جا وزن (اوزان):

تاريخدان ۽ محقق انهيءَ راءِ تي متفق آهن ته حسن قطان ئي اهو عروض جو ماهر هئو جنهن رُباعي جا 24 وزن مقرر ڪيا جن تي سيئي شاعر رباعيات لکندا پيا اچن ۽ جن تي گهڻون ڪري شاعريءَ جي ڪا ٻي صنف لکي ڪانه ٿي وڃي، شاعرن ۽ شاعريءَ جي شاگردن جي معلومات لاءِ اهي وزن هتي ڏيڻ مناسب ٿو سمجهان ته جيئن نوان شاعر بهترين رباعيات لکن:

1. مفعول مفاعيلن مفعول فعول .
2. مفعول مفاعيلن مفعول فعل .
3. مفعول مفاعيلن مفعولن فاع .
4. مفعول مفاعلين مفعولن فع .
5. مفعول مفاعلن مفاعيل فعول .
6. مفعول مفاعلن مفاعيل فعل .
7. مفعول مفاعلن مفاعيلن فاع .
8. مفعول مفاعلن مفاعيلن فع .
9. مفعول مفاعيل مفاعيل فعول .
10. مفعول مفاعيل مفاعيل فعل .
11. مفعول مفاعيل مفاعلين فاع .
12. مفعول مفاعيل مفاعيلن فع .
13. مفعولن مفعولن مفعولن فاع .
14. مفعولن مفعولن مفعولن فع .
15. مفعولن مفعولن مفعول فعول .
16. مفعولن مفعولن مفعول فعل .
17. مفعولن مفعول مفاعيلن فاع .
18. مفعولن مفعول مفاعيلن فع .
19. مفعولن مفعول مفاعيل فعول .
20. مفعولن مفعول مفاعيل فعل .
21. مفعولن فاعلن مفاعلين فاع .
22. مفعولن فاعلن مفاعيلن فع .
23. مفعولن فاعلن مفاعيل فعول .
24. مفعولن فاعلن مفاعيل فعل .

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر محمّد معين سندس فرهنگ ۾ چوي ٿو ته: ”رُباعی شعری دارای چهار مصراع که مصراع های اول و دوم و چهارم هم قافیه و بروزن ”لَا حَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ“ باشد“[6] . بهرحال رُباعي جا وزن پلي 24 هجن پر اها چئين سٽن کان وڌيڪ سٽن تي لکي نٿي سگهجي/ يا لکڻ نه گهرجي. مندرجه ذيل ڪُجهه استاد شاعرن جون رباعيون آهن، جنجي پڙهڻ سان رُباعي جي جوڙ جڪ وڌيڪ سمجهڻ ۾ ايندي ۽ ڪئين نوان خيال پڻ ملندا:

اللهؐ جو دلدار رسولِ عربيؐ
مخلوق جو مهندار رسول عربيؐ
مون طالبِ ديدار جو مطلوب آهي
ڪونين جو سردار رسولِ عربيؐ
(مخدوم طالب المولىٰ)[7]

اخلاص جي راهن ۾ خدا کي ڳوليو
مفلس جي نگاهن ۾ خدا کي ڳوليو
بي لطف نمازن ۾ حضوري ناهي
مزدور جي آهن ۾ خدا کي ڳوليو
(مخدوم طالب المولىٰ)[8]

اي بارِ خداؐ رزق ۾ برڪت گهرجي
برڪت سان گڏوگڏ وري صحّت گهرجي
هي دور زماني جو آهي نازڪ تر
هر طرح سان هر وقت ۾ عزّت گهرجي
(مخدوم طالب المولىٰ)[9]

---

[6] ڏسو فرهنگ معين (فارسي)
[7] رباعياتِ طالب، ص: 3
[8] رباعياتِ طالب، ص: 44
[9] بهارستان، ص: 45





تسليم ڪيم ميڪده بردوش آهيان
والله ته بيهوش نه باهوش آهيان
آلودۀ مه ناب ضرور آهيان پر
ساغر جي طرح مان همه تن گوش آهيان
(مخدوم طالب المولىٰ)[10]

سرمايو زماني ۾ محبّت آهي
اي طالب مولا ٻي مودّت آهي
جي ٿورا ڪري ڪير ته ٿورا مڃبا
احسان فراموش تي لعنت آهي
(مخدوم طالب المولىٰ)[11]

----*----*----

هم سایه و همنشین و همره همه اوست
دردلق گدا و اطلس شه همه اوست
در انجمن فرق و نهانِ خانۀ جمع
باللهؐ همه اوست ثم باللهؐ هم اوست
(مولانا جامی)[12]

اللهؐ به فریاد من بیکس رس
لطف و کرمت یار من بیکس بس
هر کس به کسی و حضرتی می نازد
جز حضرت تو ندارد این بیکس کس
(صوفی ابوالخیر)[13]

---

[10] بهارستان، ص: 27
[11] بهارستان، ص: 30
[12] تاريخِ تصوف، ص: 200
[13] ميراثِ خير، ص: 39



Gul Hayat Institute

یا ربّ ج تو زمانه را دلیلی بفرست
نمرودان را پشه چو فیلی بفرست
فرعونِ صفتان دست برآورد بظلم
موسیٰؑ و عصا و رود نیلی بفرست
(صوفی ابوالخیر)[14]

گرهیچ ترامیل سوی ماست بگو
ورنه که رهی عاشق و تنها ست بگو
گرہیچ مرا در دل تو جاست بگو
گرهست بگو نیست بگو راست بگو
(مولانا رومی)

دلا غافل ز سبحانی چه حاصل
مطیع نفس و شیطانی چه حاصل
بود قدر تو افزون از ملائیک
تو قدر خود نمیدانی چه حاصل
(باباطاہر)[15]

---

[14] میراثِ خیر، ص: 89
[15] رباعیات بابا طاهر، ص: 28





دلی دیرم که بهبودش نمی بود
سُخنها میکرم سودش نمی بود
ببادش میدهم نش میبرد باد
در آتش می نهم دودش نمی بود
(بابا طاہر)[16]

می نیک کند خوی دلازاراں را
پاکیزه کند سیرت میخواراں را
راهی بنما یدم به سوئی عزم درست
درجستن مطلوب طلبگاران را
(مولانا جامی)[17]

از تیغ خسان اگرچه بیداد رسد
صد زخم ستم بردل ناشاد رسد
خاموش کنم که دانم آخری روزی
خاموشان را خداج فریاد رسد
(مولانا جامی)

---

[16] رباعیات بابا طاهر، ص: 64
[17] رباعیات جامي، ص: 21



Gul Hayat Institute

اسرار ازل را نه تو دانی و نه من
وین حرفِ معّما نه تو خوانی و نه من
ہست از پس پردہ گفتگو ی من و تو
چون پردہ برا فتد نه تو مانی و نه من
(عمرخیّام)[18]

گردست دہد ز مغزِ گندم نانے
وزمے کدوے ز گو پسندے وانے
باماہ رخے نشستہ در ویرانے
عیشے بود آن نه حدّ ہر سلطانے
(عمرخیّام)[19]

گر بادہ خوری تو با خردمندان خور
یا با صنمی لاله رخی خندان خور
بیسار مخور ورد مکن فاش مساز
اندك خور وگه گاہ خور و پنهان خور
(عمرخیام)

---

[18] رباعیاتِ خیام، ص: 26
[19] رباعیاتِ خیام کے اردو ترجمے، ص: 171





مُلکی ہوئی جائدادِ شخصی
جائز نہ رہا مفادِ شخصی
قومی کے مقابلے میں حسرت
تھا ہیچ بھی اتحادِ شخصی
(حسرت موہانی)[20]

ہر چند کہ میں خلافِ جمہور نہیں
تقلیدِ عوام دل کو منظور نہیں
نزدیک ہے یہ کہ سب نظربند چھٹیں
ایسے میں نہ چھوٹوں میں تو کچھ دور نہیں
(حسرت موہانی)[21]

---

[20] رُباعیاتِ حسرت موہانی، ص: 384
[21] رُباعیاتِ حسرت موہانی، ص: 384



Gul Hayat Institute

## گل محمد ”قلبي“ :

سنڌ سونهاريءَ جو بهترين ڪاتب، شاعر ۽ ماهرِ تعليم گل محمّد بن سومر خان سولنگي 10 جمادي الثاني 1359ھ مطابق 16 جولائي 1940ع تي موري جي ويجهو ڳوٺ ڦتو ٻلال ۾ تولد ٿيو. نوشهروفيروز مان 1957ع ۾ فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ بعد پرائمري استاد مقرر ٿيو ۽ انهيءَ زماني ۾ هجرت ڪري مستقل طور تي اچي ڳوٺ ڪرڙ خان سولنگي (حيدرآباد) ۾ رهيو، جتي محمد يوسف سولنگي جي نياڻيءَ سان سندس شادي ٿي، ڪيس پنج نياڻيون ۽ پنج فرزند ٿيا، سندس فرزندن مان ٻه رحلت ڪري ويا ۽ ٽي حيات آهن، جنجو تفصيل هي آهي: ولايت علي سولنگي ولادت 12 ذيقعد 1384ھ مطابق 15 مارچ 1965ع وصال 11 شعبان 1417ھ مطابق 22 ڊسمبر 1996ع، وزير علي سولنگي ولادت 22 محرم الحرام 1383ھ مطابق 21 اپريل 1968ع حال حيات آهي ۽ بيروزگار آهي، نزاڪت علي سولنگي ولادت 15 شعبان 1393ھ مطابق 13 سيپٽمبر 1973ع هن وقت پرائمري استاد آهي ۽ ”قلبي“ صاحب جي معلومات ٻه هن وٽان ملي، سلامت علي سولنگي 15 ربيع الثاني 1397ھ مطابق 15 اپريل 1977ع وصال 28 نومبر 2003ع مطابق 3 شوال 1424ھ ۽ صداقت علي سولنگي ولادت 15 شعبان 1405ھ مطابق 6 مئي 1985ع هن وقت صحت کاتي ۾ نائب قاصد آهي.

گل محمد سولنگي استادهئڻ سان گڏوگڏ سٺو شاعر ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ مترجم پڻ هئو، هُن 1973ع ۾ ڪتابت جو آغاز ڪيو، سندس شاگردن ۾ قرآن شريف جا حافظ ٻه شامل آهن. ”قلبي“ سندس تخلص هئو، جيڪو هاڻ سندس نالي جو حصّو آهي، پاڻ، پير ميان جڙيل بن پير ميان جمن ۽ پير ميان ڪامل بن پير ميان جمن صديقي قريشي جو ٻه شاعريءَ ۾ استاد هئو. سندس ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿيو تہ پاڻ سٺو شاعر ۽ سُر تار جو پڻ واقف هئو. ”قلبي“ صاحب جا 70-75 ڪتاب سندس هٿن اکرن ۾ شايع ٿي چڪا آهن ۽ ڪجھ اڻڇپيل مسودا



رُباعياتِ جميل

ٻه آهن جن مان ڪجھ ڪتاب هي آهن: عشق محمدﷺ، محمديﷺ محفل، سرڪارِ مدينہﷺ، مٺا مير مدنيﷺ، شهيدِ ڪربلا، شام جا قيدي، منظرِ ڪربلا، ڪليات قلبي، جنتي خَواب، پرڪيو ۽ پروڙيو، سچڻ ۽ سينگار، واس وٽن وينجهار، بهارِ غزل، بهشتي زيور (اردو مان سنڌي ۾ ترجمو 800 صفحن تي مشتمل) ۽ تحفة المسلمين (اردو مان ترجمو) وغيره.

منهنجي ”قلبي“ صاحب سان ملاقات 1989-1990ع دوران رستم علي سولنگي جي معرفت سنڌي ادبي بورڊ ۾ ٿي، منهنجي خواهش تي ”قلبي“ صاحب منهنجون 41 رباعيون سندس سهڻن اکرن ۾ لکي ڏنيون جيڪي هن وقت مون وٽ هڪڙي بهترين تحفي جي صورت ۾ محفوظ آهن.

سنڌي ٻوليءَ جو خوش خط ۽ پارکو ميان گل محمد سولنگي ”قلبي“ سن 1986ع ۾ سرڪاري ملازمت تان رٽائرڊ ٿيو سندس وصال 63 سالن جي عمر ۾ 10 رجب 1422ھ مطابق 28 سيپٽمبر 2001ع تي ڳوٺ ڪرڙ خان سولنگيءَ ۾ ٿيو، ڳوٺ ڪرڙ خان سولنگي جي ويجهو واقع مائي حاجياڻي جي قبرستان ۾ سندس مزار موجود آهي.

تـوکي ڏسيو گهـڙيءَ ۾ گلـڙا ٽڙيـو پـون ٿـا
سهڻون اهين اسانکان اهي ٻہ ائين چون ٿا
سُهڻي نہ توکان سهڻا، ماهتابي روشنائي
آفتابي ڪرڻا تنهنجي آڏو جهڪيو جهڪن ٿا
صورت تنهنجي اي سهڻا مونکي وڻيو وڻي ٿي
هر هر ڏسان پيو توکي اڏ مان اهڙا اٿن ٿا
پيارو لڳين ٿو پيارا مونکي مٺا مڙن کان
اوٽارهيءَ دل کان پل نہ پري ٿين ٿا
ٿيو آنڌار ”قلبي“ مهرو وفا ڏسي
دکيا جي دونهان دل ۾ دکيو وري دکن ٿا
(قلبي)[22]

---

[22] بهارِ غزل، ص: 17



Gul Hayat Institute

## عُمر خيّام:

شاهِ رُباعيات غياث الدين ابو الفتح عمر بن ابراهيم خيّام نيشاپوري 1 ذوالحج 439هہ مطابق 18 مئي 1048ع تي ايران جي مشهور تاريخي شهر نيشاپور ۾ تولد ٿيو. سندس والد کي خيمہ سازيءَ جيڪري "خيّام" سڏيندا هئا جيڪو عمر خيّام جو تخلص بنجي سڄي جهان ۾ مشهور ٿيو. عمر خيّام وقت جي بهترين درس گاهہ "النظاميہ" مان تعليم حاصل ڪئي، خواجہ نظام الملڪ طوسي ۽ حسن بن صباح سندس هم مڪتب ۽ گهاٽا دوست هئا. تاريخدانن ٽنهي کي "سہ يار دبستاني" جي لقب سان ياد ڪيو آهي. عُمر خيّام رباعيات کان علاوه علم رياضي ۽ ٻين مضامين تي بہ ڪئين ڪتاب تحرير ڪيا جن مان ڪجهہ هيءَ آهن: رسالة في البراهين، رسالة في شرح ما اشكل، رسالة ميزان الحكمة، قسطاس المستقيم، رسالة مسائل كساب، القول علي اخباس (موسيقي)، رسالة كون و تكليف، رسالة روضة القلوب، رسالہ ضياء العلي، رسالة در صورت و تضاد، ترجمة خطبة ابن سينا، رباعياتِ خيام، عيون الحكمة، رسالة در علم كليات وغيره.[23]

پنجين ۽ ڇهين صدي هجريءَ جو هي بيمثال شاعر، ماهر رياضيدان ۽ رباعيات جو بادشاهہ عُمر خيّام 83 سالن جي ڄمار ۾ 12 محرم الحرام 526هہ مطابق 4 ڊسمبر 1131ع تي نيشاپور ۾ انتقال ڪري ويو، جتي سندس آخري آرامگاهہ موجود آهي.

اين قافلهٔ عمر عجب مى گذرد
درياب دمى كه با طرب مى گذرد
ساقى غم فرداى حريفاں چه خورى
پيش آر پياله كه شب مى گذرد

(خيّام)

---

[23] وڪيپيڊيا انسائيڪلوپيڊيا.



رُباعياتِ جميل

## حسن قطان:

عين الزمان ابو علي حسن بن علي بن محمد بن ابراهيم بن احمد مروزي بخاري سنہ 465هہ مطابق 1072ع ۾ قديم خراسان جي مشهور شهر مَرو ۾ تولد ٿيو. مرو هن وقت ترڪمانستان ۾ آهي. حسن قطان، علم رياضي، فلسفي، ادبيات، طب ۽ ديني علوم ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي. پاڻ ڪئين ڪتاب لکيا اٿس ۽ گڏو گڏ طبابت جو ڪم بہ ڪندو هئو. سندس تصنيفات ۾ العروض، مشجر نسب ابي طالب رضہ ۽ ڪيهان شناخت وغيره شامل آهن. رباعي / رباعيات جا وزن مقرر ڪرڻ سندس علمي قابليت جو ڪمال آهي. شمس بن قيس رازي لکي ٿو تہ:

"خواجه امام حسن قطان كه يكى از آئمه خراسان بودى است، مختصرى درعلم عروض ساخته است واوزان دوبيتى را بر دو شجره نهاده، من درين تأليف همان صورت نقش كردم."

وقت جي هن بهترين عالم جو انتقال فتنہء غزان دوران سنہ 548هہ مطابق 1153ع ۾ ٿيو.

(تفصيل لاءِ ڏسو المعجم في معايير اشعار العجم ۽ تاريخ ادبيات درايران.)

رُباعياتِ جميل جي ڇپجڻ تائين جن دوستن هٿ ونڊايو انهن جو ٿورائتو آهيان، مون، شاعر کي مليل حق جو استعمال ڪندي پنهنجي پراڻين رُباعين ۾ لفظن جون ترميمون ڪيون آهن جيڪي ٿوريون آهن. منهنجي پراڻين رُباعين مان ڪئين رُباعيون اڄ جي دور تي بہ 100% ٺهڪيو ٿيون اچن جنهنجي خوشي بہ اٿم تہ حيرت بہ اٿم!!

الله تعاليٰ ؏ جو شڪر ٿو ادا ڪريان جنهن مون کي علم ڏنو آهي. (آمين)

جميل الزمان

مسقط
26 فيبروري 2018ع
10 جمادي الآخر 1439 هہ
(9 جمادي الآخر 1439 هہ پاڪستان ۾)



Gul Hayat Institute

# رُباعیاتِ جمیل

(صد رُباعیات جمیل)



رُباعیاتِ جمیل



Gul Hayat Institute

# آ
# الف







Gul Hayat Institute

آزاد وطن ٿي ويو انگريزن کان
جمهوري ٿيڻ ۾ ته اڃان وقت کپي
قرباني ڏيڻ وارا وڃي گهر ويٺا
اڳواڻ چون ٿا ته رڳو تخت کپي

1 جنوري 2018ع،
هالا



رُباعياتِ جميل

آهيان جو نگهه ناز کي منظور شده
هر وقت رهان هاڻ ٿو مخمور شده
هي ڪوچئه دلدار ته محدود آهي
اي يار! جهان ۾ آهيان مشهور شده

8 مئي 1985ع،
ڪراچي[1]

[1] ملاقات، ص: 21



Gul Hayat Institute

اڄ ”بابري مسجد“ کي ڇڏيائون ڊاهي
بي دين ڪئي دين سان حجّت آهي
سنئوٽي ڪان ئي ڪم ونجي وگر نہ هاٽي
ماڻهن ۾ رهيو ماڻهپو بلڪل ناهي

7 ڊسمبر 1992ع،
هالا شريف[2]

[2] پهرين سٽ 6 ڊسمبر 1992ع تي ”بابري مسجد“ جي شهادت جو ٻڌڻ سان دل ۾ تري آئي، البتہ باقي رباعي ٻئي ڏينهن يعني 7 ڊسمبر 1992ع تي مڪمل ڪئي ويئي.





اڄ شام اچانڪ درِ مئخانہ وڳو!
مولانا اچڻ شرط اچي مي کي لڳو
اُن دم جو ٿيو بانگِ عشا جو اعلان
ويچارو ڇڏي جام کي مسجد ڏي ڀڳو

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[3]

[3] ملاقات، ص: 15



Gul Hayat Institute

اڄ غور ڪرڻ سان خبر پئي ساري
بي وجھ سھون ويتا ڪَتي ۾ ڪاري
ھي عشق ڏسڻ ۾ تہ پلو آھي گھٽو
دراصل اھو آھي وڏي بيماري

20 آڪٽوبر 1990ع،
ھالا





اڄ نانگ محبّت جو ھٽي ڏنگ ويو
مدھوش ڪري منھنجو تہ انگ انگ ويو
پُٽ ڪنھن جو اَھيان نام و نسب ڪھڙو اٿم!
پرواھ ڪيئين ڪانہ ڪري دنگ ويو

22 ڊسمبر 1984ع،
ھالا[4]

4 ملاقات، ص: 19



Gul Hayat Institute

اڄڪلهہ ٿي هلي ملڪ ۾ دهشت گردي
ظالم تہ ڏسن ڪونہ ٿا گرمي سردي
حُڪّام ڪي ننڊ آه وڪوڙي ويئي
جاڳي پيو فقط ظلم ۽ بي بيدردي

23 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي





اسلام هميشہ ئي فروزان رهندو
ايندس نہ مٿس رات درخشان رهندو
پر غور طلب آهي انديشو منهنجو
ايمان مسلمان جو ايمان رهندو؟

22 ڊسمبر 1984،
هالا[5]

[5] ملاقات، ص: 19



Gul Hayat Institute

افعال رهيو نــاهي مسلمانن ۾
فرق آيو يقينن ۾ ۽ ايمانن ۾
قرآن ٿو جنهن شي لاءِ جهلي ماڻهن کي
اُن شي جو ڏسون شوق ٿا ديوانن ۾

24 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي





اڳ ڪانہ لڳائي جا هيم دل ڪنهن سان
وارفتہ ٿيو پيار ستمگر! تو سان
آءٌ اَهيان هن ملڪ ۾ ٿيو نو وارد
پلجي نہ وڃان يار! نہ هٿجان پرسان

22 ڊسمبر 1984ع،
ڪراچي[6]

[6] ملاقات، ص: 21



Gul Hayat Institute

انسان ازل کان وٺي کھڙو آهي
تبديل ٿيو آهي يا اَهڙو آهي
اي يار! ڇڏي ڏي تون اهو بحث فضول
جھڙو تو ڏسڻ ۾ اچي تهڙو آهي

29 رمضان المبارڪ 1410ھ
25 اپريل 1990ع،
هالا





انسان ۾ انسان جي خصلت نہ هجي
انسان اهو ڪھڙو پو انسان ٿيو
مھمان صفت جيڪو رهي اچ وڃ ۾
ايمان اهو ڪھڙو پو ايمان ٿيو

19 جنوري 2018ع،
ڪراچي



Gul Hayat Institute

انسان هٿان روز ٿو انسان مري
حُڪّام رڳو جام تي پيو جام پري
منصف جي زبان تي آ وڏو تالو لڳل
انصاف ترازون ۾ پيو آرام ڪري

24 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي





## منقبت

اي پنجتني، شيرِ خدا، شاهه علي ع
سرتاج امامن جا ولين جا ولي
آقا ﷺ به محبّت ڪئي توسان سچ
آئون به پرستار اَهيان تنهنجو اصلي

21 رمضان المبارڪ 1410ھ
17 اپريل 1990ع،
هالا شريف



Gul Hayat Institute

اي حسن اگرچ نہ آهين پائيدار
ان هوندي بہ سڏجين ٿو سدا جانِ بهار
مئخوار هجي، شيخ هجي يا صوفي
جيڪو بہ ڏسو آهي سو تنهنجوئي يار

29 رمضان المبارڪ 1410ھ
25 اپريل 1990ع،
هالا شريف





**نعتيہ**

اي خالقِ اڪبرؒ جا پيارا انسانﷺ
تون آهين نبيين جو نبي جانِ جان
آئون بہ تہ نوڪر اَهيان تنهنجو آقاﷺ
اچ خواب ۾ ڪنهن دم تہ سندئي پير چمان

20 رمضان المبارڪ 1410ھ
16 اپريل 1990ع،
هالا شريف



Gul Hayat Institute

## ب/پ







Gul Hayat Institute

بيدرد جي محفل ۾ ڪڇڻ ناهي چڱو
بيگاني جي صحبت ۾ لڇڻ ناهي چڱو
مونسان ڪڏهن ملندين، ڪڏهن ملندين تون
هر هر اهو دلبر کان پڇڻ ناهي چڱو

7 مئي 1990ع،
هالا





ٻڌ اي دلِ نادان! تون سمجهدار ٿجئين
هت پيار جي بدلي ۾ فقط پيار ڏجئين
قربان ٿبو ڪنهن تي اجايو چالءِ
هن طرح جي خواهش ڪي ڏکي ڏار ڪجئين

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[7]

7 ملاقات، ص: 14



Gul Hayat Institute

# ت







Gul Hayat Institute

تنهنجي اَهيان ديدار جو دلبر! شائق
تون حسنِ حسينانِ جهان تي فائق
ازلطف و ڪرم مون ڪي گهرائي وٺجان
اي دوست! ڏڪارڻ جي نہ آهيان لائق

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[8]

[8] ملاقات، ص: 17



رُباعياتِ جميل

تون آهين ازل کان وٺي ايمانِ جميل
توساڻ ٿيا وابستہ ڪئين ارمانِ جميل
تعريف رخِ يار! سندئي ڪهڙي ڪريان
تون غيرتِ خورشيد و قمر جانِ جميل

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[9]

[9] ملاقات، ص: 14



Gul Hayat Institute

تون دور اَهين پوءِ بہ ويجهو ٿو لڳين
پنهنجو تہ نہ آهين تہ بہ پنهنجو ٿو لڳين
آئون تہ ڪٽي ياد نہ هوندس توکي
مون کي تہ اي بيگانہ تون منهنجو ٿو لڳين

10 سيپٽمبر 1991،
هالا





تون عام ڪو انسان اي دلبر ناهين
تون شاهِ حسينانِ زمانہ آهين
مغرب ڪان ٿين شمس و قمر روز طلوع
پر شرط اها آهي اگر تون چاهين

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[10]

---

[10] ملاقات، ص: 16



Gul Hayat Institute

تون منهنجي تقاضا نہ، تمنّا آهين
قاتل نہ مگر منهنجو مسيحا آهين
آئون ٿو رهان جنهن ۾ وساري سڀ ڪجهه
اي يار! تون منهنجي اها دنيا آهين

9 سيپٽمبر 1999ع
(9-9-99)،
ڪراچي







Gul Hayat Institute

پ







Gul Hayat Institute

پاڪائي، عبادت ڪان سواءِ ڪجھہ ناهي
اشراف شرافت ڪان سواءِ ڪجھہ ناهي
هڪ ٻئي سان جڙيل آهي سين جو ناتو
انسان محبّت ڪان سواءِ ڪجھہ ناهي

30 سيپٽمبر 1999ع،
ڪراچي





پرديسي پرين! تو سان ملڻ ٿو چاهيان
قابو ٿي ويو حسن و ادا ۾ آهيان
معلوم اٿم ياد بہ ناهيان ليڪن
ان هوندي بہ توکي ٿو تهِ دل چاهيان

11 آڪٽوبر 1991ع،
هالا



Gul Hayat Institute

رُباعياتِ جميل

پرديس لڳايو جو وڇي نينهن اَٿم
هڪ سال برابر لڳو هر ڏينهن اَٿم
ناداني وڏي آهيان ڪري ويٺو جميل!
جو پاليو خونِ دل تي ببر شينهن اَٿم

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[11]

11 ملاقات، ص: 18



Gul Hayat Institute

ج







Gul Hayat Institute

جاني مون کي محفل ۾ گهرائي تہ نہ وچ
مشهور نديمن ۾ ڪرائي تہ نہ وچ
وٺ جام بهادر ٿي اي ساقي سهڻا!
اقرارِ محبّت کان نَٽائي تہ نہ وچ

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا





جنهن دم بہ نظر پنهنجي ڪريان ٿو هرسُو
جلوه نما دلبر کي ڏسان ٿو هرسُو
بيتاب اَهيان تنهنجي ملڻ لاءِ جميل!
اڄڪلهہ اِهو آواز ٻڌان ٿو هرسُو

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[12]

[12] ملاقات، ص: 17



Gul Hayat Institute

جنهن شخص کي مون جانِ تمنّا سمجهيو
اُن منهنجي تمنّا کي تقاضا سمجهيو
آهيون تہ ٻئي عاشق ۽ معشوق مگر
تقدير ڏسو مون ۽ سڄڻ ڇا سمجهيو

22 ڊسمبر 1984ع،
هالا[13]

13 ملاقات، ص: 20





جنهن وقت سڄڻ ٿيندو اچي جلوه نما
پڇندس تہ رهين ڇا ڪان پلا مون ڪان جدا
جي هُن بہ اچڻ سان ڪيو ساڳيو سوال
سوچيان ٿو جميل! آئون ڪندس ڇا! بہ خدا!

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[14]

14 ملاقات، ص: 18



Gul Hayat Institute

جيئن حُسن ادائن کان سواءِ ڪجھ ناهي
جيئن عشق وفائن کان سواءِ ڪجھ ناهي
غلطي نہ ڪري جو سو مَلڪ ٿي هوندو
انسان خطائن کان سواءِ ڪجھ ناهي

15 ڊسمبر 1991ع
هالا







Gul Hayat Institute

چ/خ







Gul Hayat Institute

چا ظلم ستم ڏاڍ هميشه رهندو؟
هينئن کي بنا ڏوهه جي ماريو ويندو
ظالم پلي ڪيڏو به زبردست هجي
هڪ ڏينهن اهو نيت ته بدلا ڏيندو





چا فتح جو سج ڪونه ڏسڻ ۾ ايندو؟
چا ظلم ستم ڏاڍ هميشه رهندو
فرعون هجي يا پلي هامان هجي
هڪ ڏينهن بالآخر ته سو بدلو ڏيندو



Gul Hayat Institute

**چا مهرِ فتحيابي نہ ڪنهن دم ايندو؟**
**چا ظلم فتح ياب هميشہ رهندو**
**اللهؐ اَتو منهنجو اڪيلو شاهد**
**جنهن ورتو انهي راه ڪي بدلا ڏيندو**

**21 ڊسمبر 1984ع،**
**هالا[15]**

[15] ملاقات، ص: 17





**چا ياد اٿئي پهرين ملاقات صنم؟**
**توهئي جا تڪلّم جي ڪئي خيرات صنم**
**واللهؐ وساري تہ نٿو آءُ سگهان**
**توساڻ محبّت جي شروعات صنم**

**20 ڊسمبر 1984ع،**
**هالا[16]**

[16] ملاقات، ص: 13



Gul Hayat Institute

خاموش رهڻ لاءِ وڏي دل گھرجي
۽ ظلم سهڻ لاءِ وڏي دل گھرجي
بدلو تہ وٺي سگھجي ٿو آسانيءَ سان
پر بخش ڪرڻ لاءِ وڏي دل گھرجي

24 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي







Gul Hayat Institute

د



رُباعیاتِ جمیل



Gul Hayat Institute

دلبر سان حقيقت ۾ ملاقات ڪبي
دوباره محبّت جي شروعات ڪبي
پو سهڻي ستمگر ڪي وڻي يا نہ وڻي
دل واري جميل الزمان! هر ”بات“ ڪبي

11 آڪٽوبر 1991ع
هالا





دلبر سان دوباره ٿي محبّت آهي
صد بار مبارڪ ٿي عنايت آهي
هي صرف انهيءَ لاءِ ٿيو آ، همدم
ساڻس مون ڪئي ڪانہ سياست آهي

19 سيپٽمبر 1991ع،
هالا



Gul Hayat Institute

دلبر نہ گهرايو تہ ٿيو ڇا مطلب
يارو، هي پڏايو تہ ٿيو ڇا مطلب
چوندائو صنم آهي وڏو ماڻهو پر
هو خود هلي آيو تہ ٿيو ڇا مطلب

7 مئي 1990ع،
هالا





دل ٿي چوي مهتاب کي حيران ڪريان
سُبکي تي سندس خوب پشيمان ڪريان
اچ برسرِ منظر تون ذرا پرده نشين!
تنهنجي مٿان جيڪي چوين قربان ڪريان

22 ڊسمبر 1984ع
هالا[17]

[17] ملاقات، ص: 18



Gul Hayat Institute

دلدار ٻـ ڪرٽـو نـ پيـو ڪـو آهـي
بـس يـار ٻـ رڪٽـو نـ پيـو ڪـو آهـي
قاصد وجي پيغـام پـرين کي پهچـاءِ
سـرڪارڪان سـهٽو نـ پيـو ڪـو آهـي

7 مئي 1990ع،
هالا





دلدار جي انڪار کي سودا ٿو چوان
لوڏڻ کي سندس وعدهٔ فردا ٿو چوان
هو نيٺ تہ منهنجوئي ڪڏهن ٿيندو صنم
چشمن سان چمي اسمَ خداؔ جا ٿو چوان

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[18]

18 ملاقات، ص: 13



Gul Hayat Institute

دلدار سندي حسن تي حيران ٿبو
اُن تي نہ مگر مفت ۾ قربان ٿبو
پل هوئي محبّت جي ڪري ڪا دعويٰ
دل اُن سان لڳائي نہ پريشان ٿبو

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[19]

[19] ملاقات، ص: 14





دل دردِ محبّت کان نہ خالي رهندي
دلدار جي جلوون جي سوالي رهندي
در در تي وڃڻ واري سندس ذات نہ آهِ
هي آهي حلالي ۽ حلالي رهندي

23 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي



Gul Hayat Institute

دل ڪاڪلِ خمدار تي آهي مفتون
مشهور جهان ۾ اَهيان تنهنجو مجنون
هي خام خيال آيو سچي رات سچڻ!
ذرّي جي بہ پرواھ ڪرين ڪا نہ ٿو تون

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[20]

[20] ملاقات، ص: 14





دل ڪانہ جهڪي ٿي تہ عبادت ڪهڙي
پاڪائي نہ آهِ تہ امامت ڪهڙي
هڪ هٿ سان ڪڍهن تاڙي نہ وڄندي آهِ
نيّت جي بري آ تہ محبّت ڪهڙي

23 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي



Gul Hayat Institute

## نعتيه

دنيا جو ڪٿي نام و نشان هو نہ جڏهن
هو لوح ڏٺو ڪونہ قلم پنهنجو ڪڏهن
والله ﷻ اهو خوب لکيو منهنجي قلم
هڪ پاڻ خدا ﷻ ٻيو محمد ﷺ هو تڏهن

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[21]

[21] ملاقات، ص: 17





دنيا ۾ زبردست ستم گر منهنجو
ڪلفت تي ڪمربست ستم گر منهنجو
مون ساڻ ڳڏو ڳڏ هي سچو چرخ ڪُهن
هڪ پل ۾ ڪري مست ستم گر منهنجو

22 ڊسمبر 1984ع،
ڪراچي[22]

[22] ملاقات، ص: 21



Gul Hayat Institute

دیدار تصوّر ۾ ڪري ڏسنداسين
جرمانو وڇوڙي جو ڀري ڏسنداسين
مَن ريجهي وڃي اهڙي طرح دل نادان
جي پو ٻ نٿي يار سري ڏسنداسين

7 مئي 1990ع،
هالا





ديدار جي خواهش ۾ رهان ٿو اڄڪلهه
رستن ڪان سندس روز پڇان ٿو اڄڪلهه
جذبن ۽ جنونن کي ڪري ضبط جميل
هر وقت وڇوڙي سان وڙهان ٿو اڄڪلهه

29 سيپٽمبر 1999ع،
ڪراچي



Gul Hayat Institute

دیوانہ ۽ مجنون ٿو جھان ۾ سڏجان
پر جوش محبّت تي رھان ٿو نازان
اڄ دل ٿي چوي تنھنجي درِ دولت تي
ھڪ پل ۾ اچي يار! اڏامي پهچان

21 ڊسمبر 1984ع،
ھالا[23]

[23] ملاقات، ص: 15



رُباعياتِ جميل



Gul Hayat Institute

ر







Gul Hayat Institute

## نعتيه

رتبي ۾ ٿيو عرشِ معليٰ کان بلند
عظمت آ سندس ڪهڙي هي چاڻن ٿا چند
ان جو ته نڪو جوڙ نڪو مٿ نه مثال
محبوبِ خداﷺ آهي جهانن کي پسند

20 رمضان المبارڪ 1410ھ
16 اپريل 1990ع
هالا





رشڪِ مهِ تابان کي ڏسي ايندا سين
نوخيز گلستان کي ڏسي ايندا سين
مجبوريءِ حالات اگر آهي ته به
دروازهٔ جانان کي ڏسي ايندا سين

7 مئي 1990ع،
هالا



Gul Hayat Institute

# س







Gul Hayat Institute

ساقي تہ اچي ڪونہ ٿو خسخاني ۾
رونق جو وجي چا پلا ويراني ۾
ديدار جي خواهش ٿي ڪري بيقابو
لاچار ٿو وڃڻو پوي مئخاني ۾

24 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي





ساقيءَ ڪان سوا ناهي مَتل مئخانو
مئخوار ڏسڻ ۾ ٿو اچي بيگانو
هڪ پاسي صبو، ساغرو مينا ٿا رئن
ٻئي پاسي وچوڙي جو سٽيل پيمانو

28 نومبر 1994ع،
ڪراچي



Gul Hayat Institute

سائين! مون کي هن ڳالهہ تي آهي حيرت
مغرور ٿيو ٿا، نٿا ڪائو غيرت
پرواهہ ڪريو، چو ٿا ٿيو بي پروا
اللهﷻ ڏني آهي سنياليو عزّت

7 مئي 1990ع،
هالا





سر سبزه ۋ آباد نقابي چهرو
مهتاب جو همزاد نقابي چهرو
ويو قتل ڪري مون کي نہ آيس ڪو خيال
ٿيو غيرتِ صيّاد نقابي چهرو

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[24]

---

[24] ملاقات، ص: 13



Gul Hayat Institute

**ش/ص/ع/ف**







Gul Hayat Institute

شامل نہ هجي دل پوءِ محبّت ڇا جي؟
خوشبو کان سواءِ گل ۾ لطافت ڇا جي
برجستہ ڪٽي چؤ تہ وٽين ڪونہ ٿو تون
پنهنجن سان ڪبي يار! سياست ڇا جي

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[25]

[25] ملاقات، ص: 12





شرمندگي چهري تان هٽايو تہ سهي
اکين سان اکين کي ٻہ ملايو تہ سهي
روزانو وڏيون ڳالهيون ڪريو ٿا ليڪن
انصاف ڪٿي آهي ٻڌايو تہ سهي

28 سيپٽمبر 1999ع،
ڪراچي



Gul Hayat Institute

شيطان ڪندو ڪنهن دم ايمان تباهہ
مسلم کان وڃائيندو بخشش جي راهہ
دل ۾ اها ڳڻتي جي اچي ٿي تہ پڙهو
لاحَولَ وَلَا قُوّةَ اِلا بِاللہ ﷻ

14 فيبروري 2018ع،
ڪراچي





صورت ٿي لڳي جنهن جي سدائين سُنڙي
ڪاوڙ ٿي لڳي جنهن جي سدائين مٺڙي
ان ڪي ئي چئون شوخ ستمگار، وري
ان سان ئي ڪريون پيار لڳايون دلڙي

8 مئي 1990ع،
هالا



Gul Hayat Institute

عاشق نہ ڏسي ذات نہ ڪوئي مذهب
ان جو نہ ڪو فرقو ۽ نہ ڪوئي مشرب
ڪنهن سان بہ وڙهي ڪون ڪڏهن تہ بہ آهي
يا زلف ۾ قاتل يا شهيدِ غبغب

7 مئي 1990ع،
هالا



رُباعياتِ جميل

فرمانِ الاهيؒ نہ پڙهون ٿا نہ ٻُڌون
۽ پوبہ ٿا دنيا ۾ مسلمان سڏجون
صد حيف نئين رسم وٽي ان گهر جي
جنهن گهر ۾ صدين ڪان پيا نپجون پلجون

24 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي



Gul Hayat Institute

**ق/ک/گھ/ل**







Gul Hayat Institute

قربان ٿيو ڪو نہ ڪڏهن اي نادان!
قربان ٿيڻ مان نہ ڪڏهن ڪجهہ ورندو
انسان ٿجي خدمتِ انساني لءِ
شيطان ٿيڻ مان نہ ڪڏهن ڪجهہ ورندو

8 جنوري 2018ع،
(8-1-18)
ڪراچي





قربائتي انسان جي سلامي بہ ڪبي
پابوسيءَ محبوب اڏامي بہ ڪبي
مغرور اڳيان سر نہ ڪبو خم پنهنجو
عزّت جو ڪري ان جي غلامي بہ ڪبي

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[26]

---

[26] ملاقات، ص: 16



Gul Hayat Institute

ڪا آهه ۽ گريان جي تلافي ٿيندي؟
الفت ۾ اها چيز نه ڪافي ٿيندي
همدم نه ٿي غمگين وفائن تي ڪڏهن
ڇا جرمِ وفا جي به معافي ٿيندي

22 ڊسمبر 1984ع،
هالا[27]

[27] ملاقات، ص: 18





ڪم فهم! زمانو آ تمنّا نه ڪجئين
ڪم عقل ٿجئين ڪيم تقاضا نه ڪجئين
دنيا ۾ تماشائي بلاشڪ ٿي رهُ
پر پاڻ ڪي تون وجهِ تماشا نه ڪجئين

18 ڊسمبر 1984ع،
هالا[28]

[28] ملاقات، ص: 15



Gul Hayat Institute

کنهن ساڻ وڃي پاڻ اگر پيار ڪبو
هڪ پل ۾ انهي کي نہ ڪڏهن ڌار ڪبو
جي راهہِ محبّت ۾ سچڻ سر طلبيو
اي دوست! صفا ڪونہ ڪو انڪار ڪبو

22 ڊسمبر 1984ع،
هالا[29]

[29] ملاقات، ص: 19





ڪنهنکي اگر احساس نہ آهي دل ۾
ممنوع اچڻ اُنجو ڪجي محفل ۾
ماضيءَ جو سبق ياد رکي خوب جميل!
موزون قدم کڻجي پو مستقبل ۾

24 جنوري 2018ع،
دبئي



Gul Hayat Institute

## مناجات

گهرجي ٿي معافي ۽ ڪريان ٿو توبہ
ڏوهاري آهيان آئون مڃان ٿو توبہ
تون شاههؑ آهين پنهنجي گدا کي بخشج
هٿڙا ٻڌي سؤبار چوان ٿو توبہ

5 آڪٽوبر 1991ع،
هالا





لوڏي نہ ڪڏي ڇڏجي وفادارن کي
ڏي ٻي ڪا سزا پنهنجي خطا دارن کي
هر وقت ستم ناهي چڱي ڳالهہ مٺا!
بخشيو ڇڏي مولاؑ بہ گنهگارن کي

22 ڊسمبر 1984ع،
هالا[30]

[30] ملاقات، ص: 19



Gul Hayat Institute

ليڊر تہ وٺيو ووٽ وريو ڪونہ اچن
ووٽر جي وجي عمر ڪريو ڪونہ اچن
جن سان ٿيا وعدا هئا خوشحاليءَ جا
ڳڻتين ۾ وجن روز ڳريو ڪونہ اچن

9 جمادي الاول 1417هہ
23 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي

**م/ن**







Gul Hayat Institute

محبوب جي اندازِ تکلّم جو قسم
معصوم نگاهن جي تبسّم جو قسم
هوندو نه زماني ۾ ڪو جهڙس سهڻو
شبنم، گل و لاله، مهه و انجم جو قسم

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[31]

[31] ملاقات، ص: 15





محبوب مٿي ساڻ ملاقات ڪيم
شڪون ۾ شڪايت جي شروعات ڪيم
گَردن ۾ وجهي ٻانهون پرين پياري ڪي
جيڪا به هئي دل ۾ اها ”بات“ ڪيم

5 جنوري 1991ع،
ڪراچي

محکوم سان حاڪم جي بغاوت ڪھڙي
روزانو بپا ٿي تہ قيامت ڪھڙي
ناراض نہ ٿي مون تي سچڻ! غور تہ ڪر
خورشيد جي ذرّي سان عداوت ڪھڙي

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[32]

[32] ملاقات، ص: 12





مخمور اکين ڪي ٿا چئون مئخانا
ڳاڙھا ۽ سنھا لَب ٿا لڳن پيمانا
سھڻائي جي سارا ھم ڪريون ٿا نا صح!
ان جي ڪري سڏجون ٿا اسين ديوانا

7 مئي 1990ع،
هالا



Gul Hayat Institute

مخمور نگهہ سان ٿو جڏهن گهور ڪري
جنهن ناز مان ٿو زلفِ دوتا ڪوليو ڇڏي
مئخانہ، صبو، ساغرو ميڪش ٿا چون
ساقي جي هر انداز تي غيرت ٿي اچي

22 ڊسمبر 1984ع،
ڪراچي[33]

33 ملاقات، ص: 21





مستاني ڪي مستانو چوڻ ناهي صحيح
ديواني ڪي ديوانو چوڻ ناهي صحيح
ڪم ونجي اشارن ۽ ڪناين ڪان سدا
پرواني ڪي پروانو چوڻ ناهي صحيح

7 مئي 1990ع،
هالا



Gul Hayat Institute

مشرق کان اٿيو شمس ٿو مغرب ۾ لهي
هر روز نظارو اهو هر ڪو ٿو ڪري
پر قلب جي معصوم خيالن کان جميل!
ڇا جي ڪري انسان ٿو اڀرڻ رهي

22 ڊسمبر 1984ع،
حيدرآباد[34]

34 ملاقات، ص: 50





منهنجي غمِ فرقت جو مداوا نہ ٿيو
ديدار ستمگر جو سراپا نہ ٿيو
سردي بہ پئي، مينهن پيو، برف پئي
باقي تہ سڄي ملڪ ۾ چاچا نہ ٿيو

11 جنوري 1991ع،
ڪراچي



Gul Hayat Institute

مھنگائي حڪومت جو ڪندي ڪم پورو
نڙگھٽ تي رکي نَنهن کي ڪندي دم پورو
حيوان وڃي پاڪ وطن ۾ بچندا
ٿي ويندو هليو، حضرتِ آدم پورو

24 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي





مون آهي تصوّر ۾ ڏٺو جانم کي
ڪيئن دل ۾ ڏيان جاءِ سڄي عالم کي
الفت جو طلبگار اَهيان بادِ صبا!
پيغام هي پهچاءِ وڃي همدم کي

10 سيپٽمبر 1991ع،
هالا



Gul Hayat Institute

مهتاب کان افسانءِ ناڪامي ﭘڌم
خورشيد وري وصل جي اُميد ڏنم
از شامِ ملاقات تا صبحِ هجران
تقدير جا انداز ﭘٽي خوب ڏٺم

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[35]

[35] ملاقات، ص: 12





مهتاب کان پرنور نقابي چهرو
معصوم حيادار حجابي چهرو
گلشن جي گلابن کي ڪريو قتل چڙي
دلدار جو دلڪش ۽ گلابي چهرو



Gul Hayat Institute

 رُباعياتِ جميل

مئخانۂ دل جو اي صنم ساقي ٿي
رک تشنہ لبي جو کو پرم ساقي ٿي
ساغر پري ساغر تي ٻئي پيئنداسين
ڀَڄ تون بہ نہ پيئڻ جو قسم ساقي ٿي

7 مئي 1990ع،
هالا



رُباعياتِ جميل

ميدان محبّت جو کٽڻ چاٽون ٿا
ٻُ پاڙ عداوت جي پٽڻ چاٽون ٿا
تون دل کي وٺين ٿو پرين پيارا نہ تہ
موسم کي اکيلو بہ کٽڻ چاٽون ٿا

8 مئي 1990ع
هالا



Gul Hayat Institute

ناڪاميءَ الفت کي مداوا ٿو لکان
قسمت تي اٿم رشڪ سراپا ٿو لکان
قرطاسءِ رخ تي قلمِ اَشڪ کڻي
الزام سرِ شوقِ تمنا ٿو لکان

20 ڊسمبر 1984ع،
هالا[36]

36 ملاقات، ص: 13





نِوڙَت سان هلڻ وارو خوشي ماڻيندو
مغرور جي تقدير سياهي آهي
هي ٿاٽَ ٺڳيءَ جا نہ سدائين رهندا
فرعون جي قسمت ۾ تباهي آهي

8 جنوري 2018ع،
(8-1-18)
ڪراچي



Gul Hayat Institute

و







Gul Hayat Institute

وڏ ڪان بہ وڌيڪ آئون ٿو توکي چاهيان
توکان سواءِ دلدار مان ڪنهنجو ناهيان
مون کي آ قسم تنهنجي حياتيءَ جو مٺا!
تنهنجو اَهيان تنهنجو اَهيان تنهنجو آهيان

8 مئي 1985ع،
ڪراچي





ويرانو خزائن ۾ گلستان ٿيندو
عالم شبِ يلدا جو درخشان ٿيندو
دنيا تہ اُميدن تي رهي ٿي قائم
انسان بہ يقيناً ڪڏهن انسان ٿيندو

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[37]

[37] ملاقات، ص: 16



Gul Hayat Institute

ويگاڻوءِ بيحال پلا ڇو آهين؟
ڇو پنهنجي هٿان لاڪ ٿو پنهنجي لاهين
وجهه ڪڏهن سيئي فڪرءِ سوچون، ڳٽيون
مايوسي وڏو ڪفر اٿئي اي سائين

23 سيپٽمبر 1996ع،
ڪراچي







Gul Hayat Institute

ھ







Gul Hayat Institute

هالاڪان سُتو شهر ڪو آهي تہ ڏسيو
هالاڪان مِٺو شهر ڪو آهي تہ ڏسيو
جنهن ۾ هجي بي لوث وفا جو جذبو
ڪنهن اهڙو ڏٺو شهر ڪو آهي تہ ڏسيو

13 فيبروري 2018ع،
ڪراچي





هڪ ڀيرو اچي سال ۾ رمضان شريف
ٿيندو آ سڄي ملڪ جو مهمان شريف
حالانڪہ مبارڪ ۽ ڀلو آهي پر
گهٽني جو وڃايو ڇڏي ايمان شريف

29 رمضان المبارڪ 1410هہ
25 اپريل 1990ع،
هالا



Gul Hayat Institute

هڪ پيرو سچڻ ساڻ ملي ڏسنداسين
روئڻ جي عيوض خوب کلي ڏسنداسين
اڳ جهڙي محبّت ٿو ڪري هو يا نہ
ان ساڻ اُٿي، ويهي هلي ڏسنداسين

7 مئي 1990ع،
هالا





هڪوار محبّت ڪري نفرت نہ ڪجئين
برپا دلِ محزون تي قيامت نہ ڪجئين
مشڪل سان طبيعت ٿي لڳي منهنجي ڪٿي
پيدا تون انهيءَ لاءِ ڪا مصيبت نہ ڪجئين

22 ڊسمبر 1984ع،
هالا[38]

[38] ملاقات، ص: 20



Gul Hayat Institute

هي حُسن ڪندو ڪونہ وفا جي دعويٰ
هن ۾ تہ اُميد اهڙي رکڻ بي معنيٰ
عشّاق جو ڪم آهي وفائون پيو ڪري
تا روز حساب عشق ڏني هيءَ فتويٰ

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[39]

---

[39] ملاقات، ص: 15





هي دور نرالو ۽ خطرناڪ اَٿوَ
جنهن کي ڏسو عيّار ۽ چالاڪ اَٿوَ
اخلاص و ادب پاڻ بچائي ويا پڇي
هن حال تي ماضي بہ ٿيو غمناڪ اَٿوَ

21 ڊسمبر 1984ع،
هالا[40]

---

[40] ملاقات، ص: 16



Gul Hayat Institute

هي نرگس وسوسن هي صنوبر شهلا
چنبيلي، سمن نازبو، موتيو، لالا
مڙني کي ڇڏي عشق صنم توسان ڪيم
چو ڪاڻ ڪڏان هاڻ گلستان جي پلا

22 ڊسمبر 1984ع،
حيدرآباد[41]

[41] ملاقات، ص: 20







Gul Hayat Institute

ي



رُباعیاتِ جمیل



Gul Hayat Institute

يارن کي ڪڏهن سُرنہ ڏجي الفت جو
ٿي پوندو اهو آهي سبب ڪلفت جو
محدود رکڻ گهرجي رڳو دل تائين
قصّو لب و رخسار جوءِ الفت جو

8 مئي 1990ع،
هالا





يڪطرفہ محبّت ۾ وفائون، ڪهڙيون
بيتابي وري چاجي، پڇائون، ڪهڙيون
هو پنهنجي گهر آخوش ۾ تون پنهنجي گهر ۾
پو آهون، فغائون، ۽ صدائون ڪهڙيون

23 سيپٽمبر 1996،
ڪراچي



Gul Hayat Institute

# ضميمو

(قلبي جا هٿ اکر)







Gul Hayat Institute

اڄ شام اچانڪ درِ مئخانه وڳو!
مولانا اچڻ شرط اچي مي ڪي لڳو
اُن دِم جو ٿيو بانگِ عشا جو اعلان
ويچارو ڇڏي جام کي مسجد ڏي ڀڳو

٢١ ڊسمبر ١٩٨٤ع، هالا





اسلام هميشه لئي فروزان رهندو
ايندس نه مٿس رات درخشان رهندو
پرغور طلب آهي انديشو منهنجو
ايمان مسلمان جو ايمان رهندو؟

٢٣ ڊسمبر ١٩٨٤ع، هالا

تنهنجيون اَکيون ديدار جو دلبر! شائق
تون حسنِ حسينانِ جهان کان ٿي فائق
از لطف و ڪرم مون کي گهرائي وٺجان
اي دوست! ڏکارڻ جون آکيون لائق

۲۱ ڊسمبر ۱۹۸۴ع، هالا





شامل نه هجي دل، ليو ۽ محبّت جا جيئي
خوشبوڪان سوا گُلَ ۾ لطافت جا جيئي
رجست ڪڻي چوءَ ته وڃين ڪونه ڇڏي تون
پنهنجن سان ڪبي يار! سياست جا جيئي

۲۰ ڊسمبر ۱۹۸۴ع، هالا



Gul Hayat Institute

# کتابیات







Gul Hayat Institute

1. رباعياتِ طالب، مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ، طالب الموليٰ اڪيڊمي 1990ع
2. بهارستان، مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ، طالب الموليٰ اڪيڊمي 1994ع
3. ملاقات، مخدوم جميل الزمان جميل، سهڻي پرنٽرز، اُلهندو ڪچو حيدرآباد، سنڌ، مئي 1985ع
4. بهارِ غزل، گل محمد قلبي، شمع بڪڊيپو، حيدرآباد
5. سنڌيءَ جو عروض، مرزا سڪندر علي بيگ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1986ع
6. رباعيات بابا طاهر، تهران 1386
7. ميراثِ خير، ذوالفقار علي قادري، پيڪاڪ پرنٽرز ۽ پبلشرز ڪراچي، 2015ع
8. رُباعيات جامي، محمود مدبري، تهران 1369ع
9. رباعیات خیام کے اردو ترجمے، بيدار بخت، سسئي پريس بڪ شاپ ڪراچي 2015ع
10. سوانح مولانا روم، علامہ شبلي نُعماني، زاهد بشير پرنٽرز، لاهور 2015ع
11. ڪلياتِ حسرت موهاني، ترتيب ڊاڪٽر علي محمد خان، الفيصل ناشران، لاهور 2010ع
12. تاريخ تصوف، مولانا عبدالماجد دريابادي، بڪ ڪارنر جهلم 2016ع
13. فرهنگ معين (فارسي)، ڊاڪٽر محمد معين، ايران.
14. اردو دائره معارف اسلامي، جامعہ پنجاب لاهور، 1973ع




رُباعياتِ جميل



Gul Hayat Institute